# لکمير جو لاڏاڻو ڏاهپ کي ڏهاڱ ڏئي ويو

پروفيسر عبدالرحمان سيال

---

ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ ضلعي سانگهڙ جي شهر شاهپور چاڪر جي داد رحمان واري هوٽل تي جڏهن جدلي ۽ تاريخي ماديت جو مشتاق ماهر استاد لکمير ڏاهري نوجوانن جي ميڙاڪي ۾ مارڪسي ليننی فلسفي ۽ فڪر مائوزيتنگ جا واهڙ وهائيندو هو ته ٽي سؤ نوائوي سال قبل مسيح سقرات جو ساٿي افلاطون ياد اچي ويندو هو. جيڪو اٿينز شهر جي ٻاهران زيتونن جي باغ ۾ وڻن هينان ويهي پنهنجن شاگردن سان سقرات واري سُرت سليندو هو. لفظن جي ڏانوءَ تي وڏو ويچار رکندڙ، ڌرمي پستڪن ۽ مذهبي صحيفن کي سوچ جي ساهميءَ سان توريندڙ ۽ انساني تاريخ جو تيز ۽ تز تجزيو ڪندڙ هي سماجي اُٿل پٿل جي علم جو ڪاهوڙي خدمتگار، پاڻ پڌائڻ ۽ پاڻ وڻائڻ کان پري ۽ شهره آفاق شُهرت جي شورش کان ڏور، علمي ادبي ۽ سماجي سائنس جي پورهئي ۾ ايترو ته مصروف ۽ مگن رهيو جو ڪيس ان ڳالهه جي به قطعي ڪا پرواهه نه هُئي ته حالتن ڪيس ٻنهه وساري نظرانداز ڪري، اڪيلو، پاسيرو، ڪُنڊائتو ۽ گهر تائين گوشائتو بڻائي ڇڏيو آهي. فارسي شاعر جي هن شعر جيان ته عدم جي ننڊ مان اکيون پٽيم ته وڏو شور، گوڙ ۽ هُل هنگامو ٻُڌڻ ۾ آيو ۽ وري اکيون ٻوٽي ڇڏيم.

نڪي ڪٽڻ پاڻ سين، نڪي ساٽن پاڻ،
اهڙا جــن اهُجاڻ، آءٌ نه جيئندي اُن ري.

(شاهه)

سگريٽ جا ڊگها سوٽا هڻي، سوچ ۽ لوچ جي اُونهي ٽٻيءَ ۾ وجي جڏهن هي پرهه جو پياڪ، خيال پرستيءَ جا بکيا اُڌيڙيندو هو ته آپيشاهيءَ جا ٽنيا ۽ ٽوٽيون لُڏڻ لڳندا هُئا ۽ ڪوڙ جي ڪاڪ محل جون ڪُنگريون ڪرڻ لڳنديون هيون. سندس گيان ۾ گهرائي، ڏانءُ ۾ ڏهنائي، ڌيان ۾ ڌيرج ۽ ڏيل ۾ اهڙي ته ڏيا پريل هوندي هئي جڻ شاهه لطيف جو هيٺيون بيت پيو پڙهجي.

ويـا جـي عميـق ڏي، مُهـان ڪـائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪييون، پاتاران پيئي،
پَســندا سيئــي، امُــل اڪــڙين ســن!

(شاهه)

ڪري گُفتگو ۽ ڳري جُستجو ڪندڙ سچ جو سدا ملوڪ هي سُهڻو سفير نه رڳو سُجاڻ پارکو ۽ پرڏان پاڙهو هو بلڪ نڏڪي ٽُک جو مضبوط پرجهلو ۽ داناءُ دانشور پڻ هو، سچ چيو اٿن ته هڪ عالم جو موت هڪ جهان جو موت آهي، ماڻهو جي ماڻ پرجڻ ڪان پوءِ ئي ان جي قدر ۽ قيمت (Worth and Value) جو اندازو ۽ احساس ٿيندو آهي، چاڪاڻ ته ڌرتي جي ڪاٺو پٽن جي ڪوٺ ۽ ڪنڌار مُڙسن جي ڪَرَ پرجڻ ڏاڍي ڏکي ۽ اٽانگي هوندي آهي، اڄ جڏهن هڪ پاسي پورائيءَ جا پولڙا ساڄاهه جي سيني کي رانبوٽا پائي چيري ڦاري رهيا آهن ته ٻئي پاسي قحط الرجال واري هن ڦهري دؤر ۾ ديس جي درد رکندڙ قوم جي زنده ضمير استاد لڪمير جي لاڏاڻي ساٿيهه جي فڪري غربت کي ويتر ڳنڀير بڻائي وطن کي ويراڳ ۽ ڏاهَپ کي ڏهاڳَ ڏيئي ڇڏيو آهي.

نه سي ووئڻ وٽن ۾، نه سي ڪاتاريون،
پسي بازاريون، هينئڙو مـون لوڻ ٿئي.

(شاهه)

لڪمير پنهنجي دؤر جي ڦهر ڪلور ۽ ڪُوڙ جي خلاف ڪاوڙ ۽ ڪروڌ سان پريل هڪ سائُو، سُڌير ۽ سچار ڪردار هُيو، سويت يونين جي سُقوط مهل ڏاڍو ڏڪارو بڻجي تبصرو ڪيو هُئائين ته انساني تاريخ جو تاريڪ ترين دؤر شروع ٿي چڪو آهي، جهالت ۽ قبائليت جي سخت رجعت پسند ماحول ۾

ههڙي پڙهيل پُرجهيل روشن خيال ۽ ترقي پسند قلمڪار ڄاڻو ۽ لائق ليڪچرار جي موجودگي ۾ حاضري هڪ وڏي غنيمت ۽ خوش قسمتيءَ کان گهٽ نہ هئي. ههڙي ثابت قدم انقلابي، هٺيلي ۽ هوڏي، باغي، جديد فڪر ۽ فن جي وارث، گفتار ۽ ڪردار جي صاحب جو سنڌ ۾ پيدا ٿيڻ ڪنهن اتفاق کان گهٽ نہ هو.

شيخ اياز، فيض احمد فيض، کان وڏو شاعر ڪيئن آهي؟ ان جو جواب ڏيندي چوندو هو تہ ڏيهي ذات کي مڃوتي ملڻ معجزو آهي پر ان هوندي بہ اياز جو هيئيون اردو نظم نرالو ۽ يگانو آهي.

ميـري ديده ورو ميـري دانشـورو،
پائـون زخمـي سهـي ڈگمگاتـي چلو،
ٿام لـو ايڪ دم يہ عصائي قلم،
ايڪ فـرعون ڪيا لاک فـرعون هون.
ڈوب هي جائين گي، ڈوب هي جائين گي.

لڪمير جڏهن سادو پهراڻ پهري ۽ سفيد بوڇڻ ٻڌي وشال پيشاني ۽ نهال اکڙين سان اچي اسهندو هو تہ اڍائي هزار ورهيہ اڳ سڪندر جي ڪاهہ واري دؤر جو هڪ اهڙو سنڌي شرواڪ لڳندو هو، جنهن يُونان جي اُستادن ۽ عالمن کي طب، نجوم ۽ رياضيءَ جا سبق پاڙهيا هئا. گوتم ٻُڌ جو اُهو پِروهت يڪشو ياسندو هو، جنهن نرباڻ پائڻ ۽ سنسار جي ڏک کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ تياڳي داءُ تي لڳائڻ وارو ودوان لڳندو هو.

ڪيچي ڪاڇوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيـا جڳ ۾، تهڙا ويـا موٽي،
تنين جي چوٽي، پُورب ٿيندي پڌري.

(شاهہ)

عمر جي آخري حصي ۾ اچي جُنون جاڳيس تہ روءِ زمين جي انساني تاريخ سان گڏ سمورن مذهبن جي تفصيلي تاريخ پڙهان ۽ پوءِ ان جي تاريخي جدلياتي واٽ وٺي تعليمي تشريح ڪريان، سندس رچنان ۾ مارو ماڻهن جا ڏک

۾ ڏولاوا رچيل آهن ۽ ست ست سور سان سرجيل آهي، جڏهن ته ڪائناتي اتهاس جو ڳُوڙهو اپياس پڻ ڳُتيل آهي.

ساڻيهه جي سڪ ۽ سُرهاڻ ڪي جمالياتي ادب سمجهندڙ ۽ (Aesthetic Sense) ڪي سنڌيءَ ۾ "رس گيان" سڏيندڙ هي پورهيت عوامي استاد، مائوزي تنگ، هوچي منهه ۽ فيڊرل ڪاسترو جو وڏو پرستار هو. سال 1980ع ۾ مون ڪي روسي اديب پليخانوف جو لکيل ڪتاب "تاريخ مين فرد ڪا ڪردار" ۽ مائوزي تنگ جي لانگ مارچ بابت لکيل اردو ڪتاب ڏيندي چيائين ته اهي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏي، جيڪي مون ڪيس برمهل ترجمو ڪري ڏنا هئا. سال 1981ع ۾ جڏهن مير غوث بخش بزنجي پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي نالي سان هڪ نئين پارٽي ناهي هئي ته ان طوفاني دؤري ۾ اسماعيل وساڻ جي ڳوٺ پڻ آيو هو. جتي محمد خان مجيدي پنهنجو هڪ مشهور نظم "هو جاڳي پيو" ٻڌايو هو، جنهن تي چيتاري چتايو هئائين ته فقط هڪ شخص جي اوجاڳي سان انقلاب ڪونه ايندو، سيني ڪي پهرين سجاڳ ٿيڻو آهي. اُن لاءِ شاهه لطيف ڪان وني اُستاد بخاري تائين سنڌ جي سموري لوڪ شاعري ۽ عوامي ڏاهپ ڪي سيني ۾ سمائي جديد شعور ۽ سائنس جي علم سان پيشقدمي ڪرڻي پوندي. چوندو هو ته اسين پلي ڪيترو به پڙهي لکي وجون پر بنيادي طور اسان جي سوچ هاري ۽ پورهيت ڪارڪن واري آهي، چاڪاڻ ته ڌرتي جي ڪُڪ مان ڦُٽي نڪتل نظريو ئي فطرتي آهي، جيڪو ڌرتي جي سچين ڏيئرن لاءِ ڏاج ۽ ڏانُ آهي، ته سچن پُٽن جو مَرڪ ۽ مانُ آهي. اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي حياتيءَ جي پوئين پهر تائين ٻني ٻاري جو ڪم ڪار پنهنجن هٿن سان پاڻ ڪندو هو.

تازو سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهپور چاڪر پاران سرور جي هوٽل تي هڪ سئمينار "اليڪٽرنڪ ميڊيا جا سنڌي سماج تي اثر" جي عنوان سان منعقد ٿيو ته سانگهڙ مان ڪَهي آيل تعليمدان اُستاد الهه ورائي ٻهڻ پنهنجي صدارتي خطبي ۾ چيو ته مان ۽ منهنجا دوست فقط ان لاءِ آياسين ته سنگت جي ان اجلاس ۾ محترم لکمير ڏاهريءَ سان ملاقات نصيب ٿيندي پر طبيعت جي ناسازي سبب هو اچي نه سگهيو نه ته اليڪٽرانڪ ميڊيا جي رس گيان ۽ جمالياتي حُسن متعلق ڪانئس وڏي وياڪاڻ واپِرايون ها پر افسوس جو اسين

سماجي سُنهن جي اُن وياڪاڻ پرائڻ کان محروم رهجي وياسين. بعد ۾ اسان سمورن دوستن استاد لکمير سان آخري الوداعي ملاقات وجي ڪئي هئي، سندس ڪچهريءَ جو لب لباب فقط ايترو هو تہ ”محترم رسول بخش پليجي جهڙي بيباڪ ۽ انقلابي استاد جي فڪري اڳواڻي ۾ عوامي تحريڪ جي ساٿ ۽ سرواڻي جو قافلو نہ رڳو سنڌ ۽ پاڪستان پر پوري دنيا جي انسان ذات لاءِ نجات ۽ روشن مستقبل جو وِهائو ستارو آهي.“ ان جو ئي سفر سنڌ لاءِ سوکو تي سگهي ٿو. لکمير ڏاهري ضلعي سانگهڙ ۾ حرن جي هلچل واري زماني ۾ سال 1941ع ڌاري ڳوٺ محمد خان ڏاهري پرسان شاهپور چاڪر ريلوي اسٽيشن لڳ هڪ جهُونجهار ۽ هوشيار هاري محمد هاشم ڏاهريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. قانون ۾ ايل ايل بي ۽ ادب ۾ ايم اي ۽ تعليم ۾ ايم ايڊ ڪيائين ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ انگريزي استاد جي حيثيت ۾ سچا سارا پنجويهہ سال پڙهايائين. شاهپور چاڪر ۾ سال 1970ع ۾ عوامي تحريڪ جو بنياد وڌائين، سال 1975ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ڪيائين ۽ سال 1980ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي پيڙهہ وڌائين شهر جي علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي تنظيمن جو بانيڪار ۽ ڪابي ڌر جو هي ديو مالائي ڪردار پنهنجي سڄي ڄمار عتابن ۽ عذابن جو شڪار رهيو ۽ بيشمار پوڳنائون پوڳيائين، حليم باغيءَ جي هن شعر جيان تہ:

اسان جيئن بہ ڪوئي جيئي هن جهان ۾،
سدائين نشان تـــي ســدا امتحان ۾.

وڏو عرصو شگر ۽ بلڊ پريشر رهڻ ڪري آخر ۾ سندس گُردا فيل ٿي پيا ۽ جولاءِ 2006ع ڌاري پنجهٺ ورهين جي عمر ۾ ڏرتي جو هي لائق فرزند لاڏاڻو ڪري ويو ۽ ڪيس ڪامل شاهہ جي قبرستان منجهہ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

جان جان هُئي جيئري، ورچي نہ ويني،
وجي پُونءِ پيني، سڪندي کي سڄڻين.

منهنجي ساڻس پهرين سڃاڻپ ۽ شناسائي جون 1975ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ٿي ۽ ان کان پوءِ ايڪٽيهن سالن جي ساٿ ۽

سنگ جو اهو سفر سندس پرلوڪ پڌارڻ سان اڄ بہ پڄاڻيءَ تي ڪونہ پهتو آهي، بلڪ ڳنڍيون منجهہ ڳنڍيل جا اهي ڳانڍاپا، فهم ۽ فڪر جا لاڳاپا ذهن، ضمير ۽ ظرف جا رشتا ۽ روح ورنهن جا واسطا ۽ ناتا موت پڄاڻان اڃا بہ پُختا ۽ سگهارا ٿيا آهن.

مرڻا اڳ جي مُئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هُوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا!

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books